# اَسماءُالحُسنٰي

**23-December-2021**



هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

23 ڊسمبر 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اَسماءُالحُسنٰي

## (الله پاڪ جا پيارا نالا)

**هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ**

- ✿...الله پاڪ کي اَسمَاءَ الحُسني جي ذريعي پُڪارڻ جو قرآني حڪم
- ✿...اَسماءَ الحُسني جي برڪت سان دُعا قبول ٿيندي آهي
- ✿...چوٿين آسمان جي ملائڪن مدد ڪئي
- ✿...اَسمَاءُ الحُسنيٰ معرفتِ اِلٰهي جو ذريعو آهن

پيشڪش
**مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللهِ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ اللهِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ اللهِ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ اللهِ

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** نيت دِل جي ارادي جو نالو آهي، لهٰذا جڏهن بہ مَسجِد ۾ حاضِري ٿئي، هر ڀيري ياد ڪري، دِل ۾ ارادو رکي عربي، اردو، (سنڌي) يا ڪنهن بہ زبان ۾ اعتڪاف جي نيت ڪرڻ گهرجي، اِن شَآءَ الله الڪرِيم! جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب بہ ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره شرعي طور جائز نہ آهي، اعتڪاف جي نيت ڪرڻ سان اهي سڀ ڪم بہ جائز ٿي ويندا.

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش ڪان سِواء ڪو سايو نہ هوندو، ٽي شخص الله پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا (1): اهو شخص جيڪو منهنجي اُمَّتي جي پريشاني پري ڪري (2): منهنجي سُنّت کي زِنده ڪرڻ وارو (3): مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.[1]

بيٺهتے اُٹھتے، جاگتے سوتے | هو اِلٰهي مرا شِعَار درود[2]

[1] ... البدور السافرة، صفحه:169-170، حديث:364-

[2] ... ذوق نعت، صفحه:124-

وضاحت: ياالله پاڪ! اهڙي تَوفيق عطا فرماءِ جو ويهندي، اُٿندي، سمهندي، جاڳندي بَس هر وقت درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻجي وڃي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفۡضَلُ الۡعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل ترين عَمل آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت انسان کي جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان بہ سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونو! مثال طور نيت ڪريو! ۞ عِلمِ دِين سکندس ۞ پورو بيان ٻڌندس ۞ بااَدب ويهندس ۞ تَوَجُّه سان ٻڌندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دُعا گهري رهيو هو، هن الله پاڪ کي ايئن پُڪاريو: ياالله! يارحمٰن! ان جي اها پُڪار ٻُڌي اَبُوجهل ڪافِر پنهنجي بيوقوفي ۽ جهالت جو اِظهار ڪندي چيو: مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي دعويٰ تہ هي آهي تہ هو هڪ خُدا جي عِبَادت ڪن ٿا، جڏهن تہ هي (مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهندڙ اُن جو صحابي) ٻن خُدائن يعني هڪ الله ۽ هڪ رحمٰن کي پُڪاري رهيو آهي...!!

1... جامع صغير، صفحه:81، حديث:1284.

ابوجهل جي ان بيوقوفي ۽ جهالت جي رَدّ ۾ الله پاڪ سيپاري: 9، سوره اعراف جي آيت: 180 نازِل فرمائي،[1] ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ لِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ وَ ذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْۤ اَسْمَآىٕهٖ ؕ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (۱۸۰)<br>(پاره:9، سورة الاعراف:180) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ گهڻا سهڻا نالا الله ئي جا آهن پوءِ اُن کي انهن نالن سان پڪاريو ۽ اُنهن ماڻهن کي ڇڏي ڏيو جيڪي اُن جي نالن ۾ حق کان پري ٿين ٿا. عنقريب انهن کي سندن عملن جو بدلو ڏنو ويندو. |

مُفسر سڳورا فرمائن ٿا: آيت سڳوري جي هڪ معنيٰ هي آهي تہ اها ذات جنهن کي پُڪاريو ويندو آهي يعني سچو خُدا، حقيقي مالِڪ الله وَحْدَهٗ لَاشَرِيْك هڪ ئي آهي، جڏهن تہ رحمٰن، رَحيم، ڪرِيم، غَفّار، سَتّار وغيره انهيءِ هڪ ذات جا ڪيئي نالا آهن.[2]

لهٰذا اَبُوجهل جو اِهو چوڻ تہ مُحَمَّد صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ اُنهن جي مجڻ وارا هڪ کان وڌيڪ خُدائن کي پُڪارين ٿا، ان جي واضِح جهالت ۽ سراسر بيوقوفي آهي.

| | |
|---|---|
| اللہ واحِد و یکتا ہے | ایک خُدا بَس تنہا ہے |
| کوئی نہ اُس کا ہمتا ہے | ایک ہی سب کی سنتا ہے |

[1] ... تفسير خازن، پاره:9، سورۀ اعراف، زيرِ آيت، 180، جلد:2، صفحہ:274۔

[2] ... تفسير ماتُريدى، پاره:9، سورۀ اعراف، زيرِ آيت:180، جلد:5، صفحہ:99 ماخوذاً۔

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ آمَنَّا بِرَسُوْلِ الله [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آيت سڳوري ۾ بيان ڪيل 3 ڳالهيون

**اي عاشقانِ رسول!** هاڻي اسان جيڪا آيتِ سڳوري پڙهڻ جي سَعَادت حاصِل ڪئي، هن آيت سڳوري ۾ 3 بنيادي ۽ اَهم ڳالهيون بيان ٿيون: (1): الله پاڪ جا ڪوڙ سارا اَسماءُالحُسنيٰ (يعني سنا، پاڪيزه) نالا آهن (2): مسلمانن کي گهرجي ته الله پاڪ کي اُن جي اَسمَاءُ الحُسنيٰ ئي سان پُڪارين (3): جيڪي ماڻهو الله پاڪ جي نالن جي معاملي ۾ حق کان هٽن ٿا، اهي سخت سزا ۽ عذاب جا حقدار آهن. اچو! انهن ٽن ڳالهين جي مختصر وضاحت پڙهون ٿا!

## (1) الله پاڪ جا پاڪيزه نالا "اَسمَاءِ حُسنيٰ" آهن

الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى<br>(پاره:9، سورة الاعراف:180) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ گهڻا سهڻا نالا الله ئي جا آهن. |

امام فخر الدّين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: آيت جي هن حِصي جي معنيٰ اها آهي ته اَسمَاءِ حُسنيٰ (يعني پيارا نالا) صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جا آهن، الله پاڪ کان عِلاوه ٻيو جنهن جو نالو چڱو آهي، اهو الله پاڪ جي عطا سان، ان جي اِحسَان ئي سان چڱو آهي. پوءِ هن مان اهو به ثابت ٿي ويو ته الله پاڪ جا جيترا نالا آهن اهي سڀ جا سڀ چڱا آهن، ڪو به نالو بُرو، ڪو به بُري معنيٰ وارو نالو

[1]... سامانِ بخشش، صفحه:33۔

الله پاڪ جو نہ آهي، نہ ٿي سگهي ٿو.[1]

## پنهنجا نالا چڱا رکو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ سڳوري ۾ الله پاڪ پنهنجي پاڪيزه نالن کي اَسماءِ حُسنيٰ (يعني حُسن وارا، چڱا نالا) فرمايو، هن ۾ اسان جي سکڻ لاءِ هڪ مدني گل اِهو آهي تہ اسان بہ پنهنجا، پنهنجي ٻارن جا چڱا، حُسن وارا، خوبصُورت نالا رکون. عَلّامہ ابن العربي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن توهان کي اهو معلوم ٿي ويو تہ الله پاڪ جا پاڪيزه نالا حُسن وارا آهن تہ هاڻي توهان بہ پنهنجا نالا چڱا، حُسن وارا رکو...![2]

۽ اهو ڪيئن ٿيندو؟ اسان پنهنجا، پنهنجي ٻارن جا نالا سنا ڪيئن رکنداسين؟ علّامہ ابنِ العربي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي ائين ٿيندو جو توهان پنهنجا، پنهنجي ٻارن جا نالا انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي نالن تي، اولياءِ ڪرام جي نالن تي رکو![3]

حديثِ پاڪ ۾ آهي: انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي نالن تي نالو رکو ۽ بيشڪ عبدُالله ۽ عبدُ الرحمٰن الله پاڪ وٽ گهڻا پسنديده آهن.[4]

## محمد نالو رکڻ جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! نيت ڪيو، ذِهن ٺاهيو بلڪ اها عادَت پڪي ڪيو تہ جڏهن بہ ڪنهن جو نالو رکڻ جو موقعو ملي تہ صِرف ۽ صِرف نسبت وارا ئي نالا رکو. عَبدُ الرحمٰن نالو رکو! عبد الله نالو رکو، اَحمد نالو رکو، مُحَمَّد نالو

1... تفسير کبير، پاره:9، سورهٔ اعراف، زيرِ آيت:180، جلد:5، صفحہ:414 ملتقطاً۔
2... الاسنی فی شرح اسماء الحسنی و صفاته، صفحہ:49۔
3... الاسنی فی شرح اسماء الحسنی و صفاته، صفحہ:49۔
4... ابوداؤد، کتاب الادب، باب: فی تغییر الاسماء، صفحہ:775، حديث:4950۔

رکو، اهڙي طرح ٻين نبي سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي نالن تي، صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي نالن تي، اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله جي نالن تي نالو رکو، ان شَآءَ الله الڪرِيم! ان جون برڪتون نصيب ٿينديون. زهي نصيب جيڪڏهن محبوبِ خُدا، سردارِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بابرڪت نالي تي نالو رکيو وڃي تہ ان جي برڪتن جي ڇا ڳالھ ڪجي...! امام حَسَن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه روايت ڪن ٿا: قيامت جي ڏينهن محمد نالي واري هڪ شخص کي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پيش ڪيو ويندو. الله پاڪ ان کي فرمائيندو: اي ٻانها! تنهنجو نالو منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي تي آهي، ان جي باوُجُود تون گُناھ ڪندو رهين، ڇا توکي شرم نہ آيو...؟ اهو ٻُڌي اهو شخص شرم سان ڪنڌ جهڪائيندو ۽ پنهنجي گُناهن جو اِقرار ڪندي چوندو: اي الله پاڪ! مون گُناھ ڪيا آهن. هاڻي الله پاڪ جبرائيلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام کي فرمائيندو: اي جبرائيل! منهنجي ٻانهي جو هٿ پڪڙ ۽ ان کي جنّت ۾ وٺي وڃ، ڇوتہ محمد نالي واري کي عذاب ڏيڻ کان مون کي حياء ٿئي ٿو.[1]

| | |
|---|---|
| آنکھوں کا تارا نامِ مُحَمَّد | دِل کا اُجالا نامِ مُحَمَّد |
| شیدا نہ کیوں ہوں اس پر مسلماں | ربّ کو ہے پیارا نامِ مُحَمَّد |
| پائیں مرادیں دونوں جہاں میں | جس نے پُکارا نامِ مُحَمَّد |
| روزِ قیامت میزان و پُل پر | دے گا سہارا نامِ مُحَمَّد[2] |

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... الاسنی فی شرح اسماء الحسنی و صفاته، صفحه:50-51۔
[2]... قبالۂ بخشش، صفحہ:133-134۔

## 2. اللّٰه پاڪ کي اَسماءِ حُسنيٰ (پيارن نالن) سان ئي پُڪاريو!

اي عاشقانِ رسول! اَسماءِ حُسنيٰ واري آيت جيڪا شروع ۾ اسان ٻُڌي، ان ۾ اَسماءِ حُسنيٰ جو ذِڪر ڪري الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ (پاره:9، سورة الاعراف:180) | ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ اُن کي انهن نالن سان پڪاريو. |

يعني جڏهن الله پاڪ جا سمورا نالا چڱا آهن ته اللّٰه پاڪ کي انهن چڱن نالن سان پُڪاريو! انهن چڱن نالن جي ذريعي اللّٰه پاڪ کان دُعا گهرو...! [1]

## پنهنجن عضوئن کي ڪارائتو بنائڻ جو طريقو

مشهور مُفسّرِ قرآن، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن (اَسماءِ حُسنيٰ) واري آيت سڳوري کان پهريان واري آيت (يعني سورهٔ اعراف جي آيت:79) ۾ ڪافرن جو ذِڪر آهي ۽ ان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪافِرن وٽ دل ته آهي پر بيڪار آهي ڇو ته اهي دِل سان اللّٰه پاڪ جي نشانين ۾ غور نٿا ڪن، ڪافِرن وٽ اکيون ته آهن پر بيڪار آهن ڇو ته اهي اکين سان اللّٰه پاڪ جي قُدرت نٿا ڏسن، ڪافِرن وٽ ڪَن ته آهن پر بيڪار آهن ڇو ته اهي ڪنن جي ذريعي حق جو، قرآن جو، محبوبِ رحمٰن (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جون ڳالهيون نٿا ٻُڌن، هاڻي هن آيت سڳوري ۾ اللّٰه پاڪ اسان کي حڪم ڏنو ته اي مسلمانؤ! توهان پنهنجي دِل کي، پنهنجي اکين کي، پنهنجي ڪنن کي، پنهنجي عضوئن کي ڪارائتو بڻايو! ۽ هي هن طرح ٿيندو جو دِل ۾ اللّٰه پاڪ جي ياد رکو! ان جي پيارن پيارن، چڱن چڱن، عِزَّت وارن، عظمت وارن نالن کي سمجهو! ڪنن سان انهن نالن کي ٻُڌو، انهن نالن سان اللّٰه پاڪ کي پُڪاريو!

[1]... تفسيرِ نعيمى، پاره:9، سورهٔ اعراف، زيرِ آيت:180، جلد:9، صفحہ:387۔

انهن نالن سان الله پاڪ جو ذِڪر ڪيو! ان جي برڪت سان توهان جا عضوا بيڪار نہ رهندا بلڪ ڪارائتا ٿي ويندا.[1]

| | |
|---|---|
| ڪاش لب پر مرے رہے جاری | ذِکر آٹھوں پہر ترا یارَبّ! |
| چشمِ تَر اَور قلبِ مضطر دے | اپنی اُلفت کی مَے پلا یارَبّ! |
| نفس و شیطان ہو گئے غالِب | ان کے چنگل سے تُو چھڑا یارَبّ! [2] |

## الله پاڪ کي اَسماءِ حُسنيٰ سان پُڪاريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ کي اُن جي پيارن پيارن، چڱن چڱن اَسماءِ حُسنيٰ سان پُڪاريو! ۞ جڏهن بہ دُعا گهرو تہ اَسماءِ حسنيٰ سان الله پاڪ کي پُڪاريو ❖ يا الله! چئو ❖ يا رَبّ! چئو❖ يا رحمٰن! چئو ❖ يا رحيم! يا ڪريم! يا غَفّار! يا سَتّار! چئو ۞ اهڙي طرح الله پاڪ جو ذِڪر ڪيو تڏهن بہ انهي اَسماءِ حسنيٰ سان ئي الله پاڪ جو ذِڪر ڪيو ۞ گفتگو جي دوران الله پاڪ جو ذِڪر ٿئي تڏهن بہ الله پاڪ جي اَسماءِ حُسنيٰ سان ئي الله پاڪ جو ذِڪر ڪيو اسان جو پيارو الله پاڪ رحمٰن آهي، رحيم آهي، جَوّاد آهي، ڪريم آهي، حليم، غفُور، مجيد، سَتّار آهي، رزّاق آهي، اهي تمام الله پاڪ جا اَسماءِ حُسنيٰ آهن، تنهنڪري پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هجو تڏهن بہ وڏي ادب سان الله پاڪ جو ذِڪر ڪيو وڃي مثال طور هيئن چيو وڃي: ❖ الله رَحمٰنُ و رحيم فرمايو ❖ مان غَفّار و سَتّار جو ٻانهو آهيان ❖ الله پاڪ تَوّاب آهي، وڏيڪ توبہ قبول فرمائي ٿو. مطلب: الله پاڪ کي جڏهن بہ پُڪاريو، الله پاڪ جو ذِڪر ڪيو تہ

---

2 تفسيرِ نعيمی، پاره:9، سورۃ اعراف، زيرِ آيت:180، جلد:9، صفحہ:387۔

2 … وسائلِ بخشش، صفحہ:79

هنن اَسماءِ حُسنيٰ سان ئي الله پاڪ کي پُڪاريو ۽ ذِڪر ڪريو.

تُو ہی مالک بحر و بَر ہے یااللہُ! یااللہ!
تُو ہی خالقِ جنّ و بشر ہے یااللہُ! یااللہ!
تُو اَبدِی ہے، تُو اَزَلی ہے، تیرا نام علیم و علی ہے
ذات تِری سب سے بَر تَر ہے یااللہُ! یااللہ! (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَسماءِ حُسنيٰ جي برڪت سان دُعا قبول ٿيندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! الله پاڪ جي اَسماءِ حُسنيٰ جي ذريعي جيڪا دُعا ڪئي وڃي اها قبول ٿيندي آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جا 99 نالا آهن، جنهن انهن جي ذريعي دُعا گهري ته الله پاڪ ان جي دُعا قبول فرمائيندو.(2)

## سيده عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا اَسماءِ حُسنيٰ جي ذريعي دُعا گهري

اُمُّ المُؤمِنِين بي بي عائشہ صديقہ، طيبہ طاهره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون: مون بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي الله پاڪ جو اهو بابرڪت نالو سيکاريو جو جنهن نالي جي ذريعي دُعا گهري وڃي ته الله پاڪ قبول فرمائيندو آهي. پياري نبي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: (عائشہ!) بيهي رهو! وُضو ڪيو! ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪيو! پوءِ دُعا گهرو، مان ٻڌندس (تہ ڪيئن دُعا گهرين ٿي). سيده عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون: مون ايئن ئي ڪيو (يعني وُضو ڪيو ۽ ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪئي) پوءِ جڏهن دُعا جي لاءِ ويٺيس تہ آقاءِ نامدار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله

---

1 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:92.

2 ...جامع صغير، صفحہ:143، حديث:2370.

پاڪ جي بارگاهہ ۾ دُعا گُهري: اَللّٰهُمَّ وَفِّقْهَا يعني اِلٰهي! عائشہ کي دُرُست دُعا گهرڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اُمُّ المُؤمِنِين بيبي عائشہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا فرمائڻ ٿيون: مون هيئن دُعا گهري:

اللّٰهُمَّ اِنِّی اَسْاَلُکَ بِجَمِیعِ اَسْمَائِکَ الْحُسْنَی کُلِّهَا، مَاعَلِمْنَامِنْهَاوَمَالَمْ نَعْلَمْ، وَاَسْاَلُکَ بِاسْمِکَ الْعَظِیمِ الْأَعْظَمِ، الْکَبِیرِ الْأَکْبَرِ، وَالَّذِي مَنْ دَعَاکَ بِهٖ اَجَبْتَهٗ، وَمَنْ سَاَلَکَ بِهٖ اَعْطَيْتَهٗ

ترجمو: اي الله پاڪ! تنهنجا اَسماءِ حُسنيٰ جيڪي اسان ڄاڻون ٿا ۽ جيڪي اسان نٿا ڄاڻون، مان تنهنجي انهن تمام اَسماءِ حُسنيٰ جي وسيلي سان سُوال ڪيان ٿي ۽ تنهنجي اُن اِسمِ اعظم، اسمِ اڪبر جي ذريعي سُوال ڪيان ٿي جو جنهن نالي جي ذريعي دُعا گهري وڃي تہ تون قبول فرمائيندو آهين ۽ توکان جيڪو سُوال ڪيو وڃي تون عطا فرمائيندو آهين.

اُمُّ المُؤمِنِين سيده عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جي اها خُوبصُورت دُعا ٻُڌي الله پاڪ جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَصَبْتِهٖ اَصَبْتِهٖ يعني اي عائشہ! تو دُرُست دُعا گُهري، اي عائشہ! تو دُرُست دُعا گُهري.[1]

سر ہے خم ہاتھ میرا اُٹھا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
فَضْل کی، رَحْم کی التجا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
قلب میں یاد لب پر ثنا ہے
میرے ہر درد کی یہ دوا ہے
کون دُکھیوں کا تیرے سِوا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الاسماء و الصفات، صفحہ:13-

2... وسائلِ بخشش، صفحہ:134-

## چوٿين آسمان جي ملائڪن مدد ڪئي

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالِڪ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: سلطانِ عالميان، رسولِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ وڏا متقي ۽ پرهيز گار هئا، اهي واپار ڪندا هئا ۽ پنهنجو مال خريد ۽ فروخت جي لاءِ هڪ ملڪ کان ٻي ملڪ، هڪ شهر کان ٻي شهر کڻي ويندا هئا، هڪ ڀيري اهي واپار وارو سامان کڻي سَفَر تي روانو ٿيا، جڏهن هڪ جهنگل ۾ پهتا تہ اوچتو لوهي زِره پاتل ۽ هٿيار (تلوار وغيره) کنيو هڪ ڌاڙيل سامهون آيو ۽ اُن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي روڪي چيو: پنهنجو سڄو مال منهنجي حوالي ڪري ڇڏ ۽ قتل ٿيڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃ! اهو ٻڌي انهن صحابي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جن فرمايو: توهان کي مال کپي، منهنجو سڄو مال کڻي وڃو ۽ مون کي وڃڻ ڏيو، مون کي قتل ڪرڻ سان توهان کي ڪهڙو فائدو ملندو؟ ڌاڙيل چيو: مان توهان کان مال تہ ڦريندس ئي پر گڏوگڏ توهان کي قتل بہ ضرور ڪندس.

ايترو چوڻ کان بعد جڏهن اهو ڌاڙيل حملو ڪرڻ جي لاءِ اڳتي وڌيو تہ صحابي رسول رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ چيو: جيڪڏهن توهان منهنجي قتل جو ارادو ڪري ئي ورتو آهي تہ مون کي ٿوري مهلت ڏيو تہ جيئن مان پنهنجي رَبّ ڪريم جي بارگاه ۾ سجدو ڪري وٺان. ڌاڙيل چيو: جيڪو ڪرڻو آهي جلدي ڪر، مان توکي قتل ضرور ڪندس. هاڻي صحابيِ رسول رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ وُضو ڪري، 4 رڪعت نماز پڙهي، پوءِ سجدي جي حالت ۾ الله پاڪ جي بارگاه ۾ هيئن دُعا گهري:

يَاوَدُوْدُ! يَاذَاالْعَرْشِ الْمَجِيْدِ! يَافَعَّالُ لِّمَايُرِيْدُ! اَسْئَلُکَ بِعِزِّکَ الَّذِیْ لَایُرَامُ وَمُلْکِ الَّذِیْ لَایُضَامُ، بِنُوْرِکَ الَّذِیْ مَلَأَ اَرْکَانَ عَرْشِکَ اَنْ تَکْفِیَنِیْ شَرَّ هٰذَا اللِّصِّ، یَامُغِیْثُ اَغِثْنِیْ! یَامُغِیْثُ اَغِثْنِیْ! یَامُغِیْثُ اَغِثْنِیْ!

**ترجمو:** اي وَدُود! اي عرشِ مجيد جا مالِڪ! اي اها ذات جيڪا هميشہ جيڪو ڪجھ چاهي ڪرڻ واري آهي، تنهنجي عِزَّت جنهن جي ڪا انتها نہ آهي، مان توکي انهيءَ عِزَّت جو واسطو ڏيان ٿو، اي اهڙي بادشاهت جا مالِڪ! جنهن تي ڪو دباءُ نٿو وجهي سگهي، اهو نُور جنهن سان تنهنجو عرش روشن آهي، مان توکي ان نُور جو واسطو ڏيان ٿو، اي منهنجا پاڪ پروردگار! مون کي هن ڌاڙيل جي شَر کان محفوظ فرمائجان. اي مدد ڪرڻ وارا! منهنجي مدد فرماءِ، اي مدد ڪرڻ وارا! منهنجي مدد فرماءِ. اي مدد ڪرڻ وارا منهنجي مدد فرماءِ.

صحابي رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وڏي عاجزي ۽ انڪساري سان ٻاڏائي 3 ڀيرا هن طرح دُعا گهري، اڃا پاڻ دُعا مان فارِغ بہ نہ ٿيا هئا جو اوچتو هڪ صاحِب گهوڙي تي سُوار، هٿ ۾ نيزو کڻي ظاهر ٿيو ۽ هڪ ئي وار ۾ ڌاڙيل کي ماري ڇڏيائين. پوءِ هو گهوڙي سُوار صاحِب صحابي رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ آيو. صحابيءِ رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان اچڻ واري کان پڇيو: اي عظيم شخص! اڄ هن مصيبت ۾ توهان منهنجي مدد ڪئي، توهان ڪير آهيو؟ سُوار چيو: مان الله پاڪ جي ملائڪن مان هڪ ملائڪ آهيان ۽ چوٿين آسمان تان اوهان جي مدد جي لاءِ آيو آهيان.

جنّتي صحابي حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جيڪو شخص وُضو ڪري ۽ 4 رڪعت نماز پڙهي انهيءَ ڪلمات جي ذريعي دُعا گهري جن ڪلمات سان اُنهن صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ دُعا گهري تہ ان جي دُعا قبول ڪئي ويندي آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جي بلند شان ۽ عظمت ڏسو جو اُنهن صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اَسماءِ حُسنيٰ جي ذريعي دُعا گهري تہ چوٿين آسمان جو

---

[1]… موسوعۃ الامام ابن ابی الدنیا، کتاب: مجابی الدعوۃ، جلد:2، صفحہ:322-323، حدیث:23۔

ملائڪ اُنهن جي مدد جي لاءِ آيو. سُبحٰنَ الله! سُبحٰنَ الله!

ہر صحابیِٔ نبی! جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی
چار یارانِ نبی! جنّتی جنّتی | حضرت صدّیق بھی! جنّتی جنّتی
اور عمر فاروق بھی! جنّتی جنّتی | عثمانِ غنی! جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی! جنّتی جنّتی | ہیں حَسَن حُسَین بھی! جنّتی جنّتی
والدینِ نبی! جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی
اور ابوسُفیان بھی! جنّتی جنّتی | ہیں معاویہ بھی! جنّتی جنّتی

آل واَصحابِ نبی بادشہ ہیں بادشاہ
میں فقط ادنیٰ گدا اَصحاب واَہلِ بیت کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ اها عادت بڻائڻ گهرجي جو جڏهن بہ ڪا مشڪل اچي، پريشاني ٿئي، تنگ دستي ٿئي، بيماري ٿئي، قرض داري هجي تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضِر ٿيون، ان جي پياري پياري اَسمَاءُ الحُسنيٰ جي ذريعي دُعا گهرون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ اسان جي دِلي مرادن تي نظرِ ڪرم فرمائيندو.

کیوں کرنہ میرے کام بنیں غیب سے حَسَنؔ | بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا (1)

ڪارساز: يعني حاجت پُوري ڪرڻ وارو، ڪم سَنوارڻ وارو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:18۔

## اَسمَاءِ حُسنيٰ جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح اَسماءِ حُسنيٰ جي برڪت سان دُعائون پُوريون ٿينديون آهن، ايئن ئي اَسماءِ حُسنيٰ جون بيون گهڻيون برڪتون آهن، مختلف مسئلن ۽ مشڪلاتن وغيره جي حل جي لاءِ اَسمَاءِ حُسنيٰ جو وِرد به ڪيو ويندو آهي، شيخِ طريقت امير اهلسنت حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جو رسالو آهي: 40 رُوحاني علاج. هن رسالي ۾ اَسمَاءِ حُسنيٰ جا ورد وظيفا لکيل آهن، اهڙي طرح امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي ڪتاب "مدني پنج سُوره" صفحي: 246 کان 259 تي به 99 اَسماءِ حُسنيٰ جا آسان ۽ مختصر ورد ۽ وظيفا لکيل آهن، مثال طور ۞ جيڪو هر نماز کان بعد 100 ڀيرا يَااللهُ پڙهي، ان جو باطِن ڪشاده ٿيندو ۞ جيڪو هر نماز کان بعد 7 ڀيرا هُوَ اللهُ الرَّحِيْم پڙهي وٺي، اهو شيطان کان بچيل رهندو ۽ ان جو ايمان تي خاتمو ٿيندو ۞ جيڪو غريب روزانو 90 ڀيرا يَامَلِڪُ پڙهي، اِن شَآءَ الله الڪريم! غُربت کان نجات ماڻيندو، اهڙي طرح جا مختصر مختصر 99 رُوحاني عِلاج مدني پنج سُوره ۾ لکيا ويا آهن. مڪتبة المدينہ تان مدني پنج سُوره خريد ڪيو، گهر ۾ رکو، هن کي پڙهو ۽ برڪتون حاصِل ڪيو! الله پاڪ اسان سڀني کي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (3) اَسمَاءِ حُسنيٰ بابت حق کان هٽڻ وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! سيپاري: 9، سورهِ اعراف جي اَسماءِ حُسنيٰ واري آيت سڳوري جيڪا اسان شروع ۾ ٻُڌي، هن آيت سڳوري ۾ اسان کي ٽيون حڪم اهو ڏنو ويو:

وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اَسْمَآىِٕهٖ ؕ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸۰﴾
(پاره:9،سورةالاعراف:180)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اُنهن ماڻهن کي ڇڏي ڏيو جيڪي اُن جي نالن ۾ حق کان پري ٿين ٿا. عنقريب انهن کي سندن عملن جو بدلو ڏنو ويندو.

آيت سڳوري جي هن حصي جو هڪ مطلب اهو آهي ته اهي ماڻهو جيڪي الله پاڪ جي نالن جي مُعاملي ۾ حق کان پَري ٿين ٿا، انهن جي موافقت نه ڪيو! انهن کان پري رَهو! عنقريب الله پاڪ انهن کي سندن ڪيل جي سزا ڏيندو.[1]

## اللّٰه پاڪ جي نالن جي معاملي ۾ اِلحاد ڇا آهي؟

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي چڱن پاڪيزه نالن جي مُعَاملي ۾ اِلحاد يعني حق کان پري هٽڻ جون ڪوڙ صُورتون آهن مثال طور ۞ الله پاڪ جي شان ۾ اهڙا لفظ استعمال ڪرڻ جيڪي ان جي شان ۽ عظمت جي لائق نه آهن، جيئن ڪجهه ڪافر الله پاڪ کي مَعَاذَ الله! اَبّ(يعني پيءَ) چوندا آهن، فلسفي الله پاڪ کي مَبدَءِ فَيض چوندا آهن، اِهو اَسمَاءُ الحسنيٰ ۾ الحاد آهي ۞ اهڙي طرح اهي لفظ جن جي معنيٰ ته دُرُست هجي پر الله پاڪ جي شان ۾ هنن لفظن جو استعمال بي ادبي ٿئي، اهڙا لفظ الله پاڪ جي شان ۾ استعمال ڪرڻ به اَسمَاءُ الحسنيٰ ۾ اِلحاد آهي. مثال طور الله پاڪ کي خَالِقِ خنْزِير (يعني خنزير کي پيدا فرمائڻ وارو) چوڻ. يقيناً خنزير کي الله پاڪ ئي پيدا فرمايو آهي پر هنن لفظن سان الله پاڪ کي پُڪارڻ بي ادبي آهي ۞ ايئن ئي اهي لفظ جن جي معنيٰ

[1]… تفسير بيضاوی، پاره:9، سورۀ اعراف، زيرِ آيت:180، جلد:4، صفحه:336۔

سٺي به آهي ۽ هڪ معنيٰ بُري به، الله پاڪ جي شان ۾ هنن لفظن جو استعمال به منع آهي: مثال طور الله پاڪ کي شَافِي (شِفَا ڏيڻ وارو) ته چئي سگهون ٿا پر طبيب نٿا چئي سگهون ڇوته طبيب پيشه ور ڊاڪٽر کي چيو ويندو آهي، ڪوڙ ماڻهو الله ميان چوندا آهن ، لفظِ مِيَان جون ڪوڙ معنائون آهن ان جي هڪ معنيٰ مڙس به آهي، اُن ڪري الله پاڪ کي الله مِيان چوڻ به دُرُست نه آهي.[1] تفسير صِراط الجنان ۾ آهي: الله پاڪ جا اهي پاڪيزه نالا جيڪي الله پاڪ ئي سان خاص آهن، اهي مبارڪ نالا مخلوق جي لاءِ استعمال ڪرڻ به **اِلحاد فِي الأسماء** ۾ شامِل آهي: جيئن ڪنهن جو نالو رَحمٰن ، قُدُّوس، قَدِير وغيره رکڻ.[2]

اڄڪلهه معاشري ۾ نالو رکڻ ۽ ٻين کي پُڪارڻ جي معاملي ۾ وڏي بي احتياطي ڪئي ويندي آهي. ڪجهه نادان عِلمِ دين جي ڪمي جي ڪري پنهنجي ٻارن جو نالو ”رَحمٰن“ رکي ڇڏيندا آهن، هي دُرُست نه آهي، هن جي بدران هي نالو رکڻ گهرجي: عَبْدُ الرَّحْمٰن. اهڙي طرح هي مصيبت به گهڻي عام آهي ته جنهن جو نالو مثلاً عَبْدُ الرَّحْمٰن آهي، ان کي خالي رَحمٰن چئي سڏيندا آهن، عَبد هٽائي ڇڏيندا آهن. اهو حرام آهي، هن کان بچڻ لازِم آهي.[3]

هميشه ياد رکو! الله پاڪ جا تمام نالا تَوقِيْفِي آهن يعني جيڪي پاڪيزه نالا قرآنِ ڪريم ۾ اچي ويا، حديثِ پاڪ ۾ بيان ٿيا، شريعت مُقَرَّر ڪيا، الله پاڪ کي انهن ئي نالن سان پُڪاريو ويندو، ڪو به پنهنجي طرفان الله پاڪ جو ڪو نالو نٿو رکي سگهي.[4]

---

[1] … تفسيرِ نعيمی، پاره:9، سورۂ اعراف، زيرِ آيت:180، جلد:9، صفحه:388 ماخوذاً۔

[2] … تفسيرِ صراط الجنان، پاره:9، سورۂ اعراف، زيرِ آيت:180، جلد:3، صفحه:481 ۔

[3] … تفسيرِ صراط الجنان، پاره:9، سورۂ اعراف، زيرِ آيت:180، جلد:3، صفحه:481 ۔

[4] … تفسيرِ نعيمی، پاره:9، سورۂ اعراف، زيرِ آيت:180، جلد:9، صفحه:388 ماخوذاً۔

الله پاڪ اسان کي عِلمِ دين سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 99 اَسماءِ حُسنيٰ ياد ڪرڻ جي فضيلت

بُخاري شريف جي حديثِ پاڪ آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اِنَّ لِلّٰهِ تِسْعَةً وَّ تِسْعِيْنَ اَسْمَآءً مِئَةً غَيْرَ وَاحِدٍ مَنْ اَحْصَاهَا دَخَلَ الْجَنَّةَ بيشڪ الله پاڪ جا 99 يعني سؤ مان هڪ گهٽ نالا آهن، جنهن انهن کي ياد ڪري ورتو، اهو جنّت ۾ داخِل ٿيو.[1]

عالم سڳورا فرمائن ٿا: الله پاڪ جا ڪُل اَسمَاءِ حُسنيٰ 99 نه آهن، اهي ته بيشُمار آهن، هن حديثِ پاڪ ۾ الله پاڪ جي انهن 99 اَسمَاءِ حُسنيٰ جو ذِڪر آهي جن کي ياد ڪرڻ جنتي ٿيڻ جو ذريعو آهي. حڪيم الأُمَّت، حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: جيڪو مسلمان اهي (99) نالا ياد ڪري وٺي ۽ روزانو انهن جو وِرد ڪري، اُهو اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! پهريان ئي جنّت ۾ ويندو.[2]

سُبۡحٰنَ اللّٰہ! ڪيتري پياري فضيلت آهي...!! قرآنِ ڪريم جي تقريباً هر نسخي جي شروع ۾ عام طور تي الله پاڪ جا 99 نالا لکيل هوندا آهن، اُتي ڏسي ياد ڪري سگهجن ٿا، جيڪڏهن اسان روزانو جا 10 اَسمَاءِ حُسنيٰ به ياد

[1] ... بخارى، كتاب: الشروط، صفحہ:710، حديث:2736۔

[2] ... مرآة المناجيح شرح مشكوة المصابيح، كتاب اسماء الله الحسنى، الفصل الاوّل، جلد3، ص325۔

ڪري ونون تہ صِرف 10 ڏينهن ۾ مڪمل ياد ٿي ويندا ۽ الله پاڪ چاهيو تہ ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جنّت ۾ داخِلا نصيب ٿيندي.

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا | ہم مفلس کیا مول چُکائیں، اپنا ہاتھ ہی خالی ہے

## اَسماءِ حُسنيٰ معرفت اِلٰهي جو ذريعو آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي پيارن پيارن مبارڪ اَسماءِ حُسنيٰ جي برڪتن مان هڪ برڪت اها بہ آهي تہ اَسماءِ حُسنيٰ الله پاڪ جي معرفت (يعني سڃاڻپ) حاصِل ڪرڻ جو ذريعو آهن. حُجَّةُ الاِسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن دُنيا ۾ مخلوق جي لاءِ الله پاڪ جي مَعرِفت حاصِل ڪرڻ جي هڪ ئي راهہ آهي ۽ اها هي آهي تہ بانهو الله پاڪ جي اَسماءِ حُسنيٰ ۽ صِفتن جي مَعرفت حاصِل ڪري.[1] بلڪ عالم سڳورا فرمائن ٿا: الله پاڪ جنهن ٻانهي کي پنهنجي وِلايت جي لاءِ چونڊيندو ۽ ان کي عِلمِ لَدُنّي سان نوازڻ جو ارادو فرمائيندو آهي، ان کي سڀ کان پهريان 99 اَسمَاءِ حُسَنيٰ جو عِلم ڏنو ويندو آهي.[2] امام ابو قاسِم قُشَيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي اَسمَاءِ حُسنيٰ جي معرفت حاصِل ڪري وٺي، الله پاڪ دُنيا ۽ آخرت ۾ اُن جو نالو چمڪائي ڇڏيندو آهي.[3]

ڪاش! اسان کي بہ الله پاڪ جي پاڪيزه اَسمَاءِ حُسنيٰ جي معرفت نصيب

---

1... المقصدُ الْاَسنٰى، صفحہ:53۔

2... اَلْاَسنٰى فِى شرح اَسْماءِ الحسنٰى، صفحہ:80 ۔

3... شرح اَسْمَاء الله الحسنٰى، صفحہ:22۔

تي وجي! آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے | مِرے غوث کا واسطہ یااِلٰہی!
بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گناہوں سے ہر دَم بچا یااِلٰہی!
عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخُدا یااِلٰہی![1]

## 2 اَسمَاءِ حُسنيٰ جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! الله پاڪ جي اَسمَاءِ حُسنيٰ مان ٻن پاڪيزه نالن جي وَضاحت ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪيون ٿا:

### الله پاڪ جو هڪ پاڪيزه نالو: اَلحَکِيمُ

الله پاڪ جي اَسمَاءِ حُسنيٰ مان هڪ پاڪيزه نالو آهي: اَلحَکِيمُ. هن جي معني آهي: اها پاڪ ذات جنهن جو هر فرمان، هر ڪم حڪمت وارو آهي.[2]

الله پاڪ جي هن پاڪيزه نالي مان معلوم ٿيو ته الله پاڪ جي هر ڪم ۾ هزارين حڪمتون هونديون آهن ۞ الله پاڪ آسمان کي اُونچو رکيو ۞ زمين کي پيرن هيٺ وڇايو، اها سندس حڪمت آهي ۞ سج کي گرم رکيو ۞ چنڊ جي روشني ٿڌي رکي، اها اُن جي حڪمت آهي ۞ رات ۾ اونداهي ڪري ٿو ۞ ڏينهن کي روشن رکي ٿو ۞ ڪنهن کي امير بڻايو ۞ ڪنهن کي غريب رکيو ۞ ڪو تندرست آهي ۞ ڪو بيمار آهي ۞ ڪنهن کي 100 سالن جي ڄمار بخشي ۞ ڪو ڀوهه جواني ۾ موت جو شڪار ٿيو ۞ ڪنهن کي پٽ عطا ڪيا ۞ ڪنهن کي صِرف نياڻيون عطا

[1] ... وسائل بخشش، صفحه:105۔

[2] ... اَلْاَسْمَاء وَ الصِّفَات للبيهقي، صفحه:32۔

ڪيون ﷺ ڪنهن کي بالڪل بي اَولاد رکيو، اهي سڀ ان جون حڪمتون آهن، لهٰذا الله پاڪ جي هن پاڪيزه نالي اَلحَڪيمُ جي معرفت اها آهي تہ پانهو دِل سان هن ڳالهہ جو يقين رکي تہ منهنجي سمجهہ ۾ اچي يا نہ اچي، البتہ اللّٰه پاڪ جي هر ڪم ۾ هزارين حڪمتون آهن.

## اللّٰه پاڪ جيڪو ڪري ٿو بهتر ڪري ٿو

مڪتبة المدينہ جي 413 صفحن جي ڪتاب عُيونُ الحڪايات (حصو: پهريون)، صفحي:187 تي آهي: اللّٰه پاڪ جو هڪ نيڪ بانهو ڪنهن جهنگل جي ڳوٺ ۾ رهندو هو، ان وٽ هڪ ڪُڪڙ، هڪ گڏهہ ۽ هڪ ڪتو هو، ڪُڪڙ صبح نماز جي لاءِ جاڳائيندو هو، گڏهہ تي هو پاڻي ۽ ٻيون شيون ڪڻندو هو ۽ ڪتو ان جي گهر ۽ سامان جي رکوالي ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڪُڪڙ کي لومڙي ڪائي وئي، گهر ياتي ان نقصان تي پريشان ٿيا پر ان نيڪ شخص صبر ڪندي چيو: الله جيڪو ڪري ٿو، بهتر ڪري ٿو. ڪجهہ ڏينهن کان بعد بگهڙ (Wolf) گڏهہ کي چيري ڪائي ڇڏيو، گهروارا غمگين ٿيا پر ان نيڪ شخص اهو ئي چيو: الله جيڪو ڪري ٿو، بهتر ڪري ٿو. پوءِ ڪجهہ عرصي کان بعد ڪتو بيمار ٿي مري پيو، ان تي بہ ان نيڪ شخص اهي ئي لفظ ڏهرايا: الله جيڪو ڪري ٿو، بهتر ڪري ٿو. ڪجهہ ڏينهن کان بعد اوچتو دُشمنن جهنگل جي ان ڳوٺ تي رات ۾ حملو ڪري ڇڏيو ۽ جانورن جا آواز ٻڌي گهرن جو رخ معلوم ڪري ۽ مال و اسباب سميت سڀ گهر وارن کي قيدي بڻائي ڪٽي ويا. ان نيڪ شخص جي گهر ۾ ڪو جانور نہ هو جو گهر مان آواز اچي. لهٰذا دُشمن کي اونداهي ۾ ان جي گهر جي خبر نہ پئجي سگهي ۽ اهڙي طرح هو ان اوچتو ايندڙ مصيبت کان محفوظ رهيو.

معلوم ٿيو: اللّٰه پاڪ جي هر ڪم ۾ حڪمت ئي حڪمت آهي، ها! اسان

ڪي ڪا حڪمت سمجهه ناهي ايندي ته هي اسان جي ناقِص عقل جو قُصُور آهي. اعليٰ حضرت جا ياءُ مولانا حَسَن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الله پاڪ جي حمد بيان ڪندي لکن ٿا:

ہے پاک رُتبہ فکر سے اُس بےنیاز کا | کچھ دَخْل عقل کا ہے نہ کام امتیاز کا
شہ رَگ سے کیوں وِصال ہے، آنکھوں سے کیوں حجاب؟ | کیا کام اس جگہ خِرَدِ ہرزَہ تاز کا [1]

وضاحت: يعني الله پاڪ اسان جي ساهه واري رڳ کان به قريب آهي ان جي باوُجُود ڪا به اک ان کي ڏسي نٿي سگهي؟ هي ڪهڙو جَلوو آهي؟ ڪهڙو پردو آهي؟ ان معاملي کي ويچارو عقل ڪيئن حل ڪري سگهي ٿو؟

جَلوَہ یار نِرالا ہے یہ پردہ تیرا | کہ گلے مِل کے بھی کھلتا نہیں ملتا تیرا [2]

بهر حال! الله پاڪ جي ڪمن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون حڪمتون آهن، ان کي اسان پنهنجي ناقِص عقل سان نٿا سمجهي سگهون. اسان کي گهرجي ته بَس الله پاڪ کي اَلْحَڪِيۡمُ مڃون ۽ ان تي پختو يقين رکون. الله پاڪ عَمَل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اِسمِ پاڪ اَلْحَڪِيۡمُ جي معرفت جا فائدا

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان سڀني تي رحم و ڪرم فرمائي، اڄڪلهه عِلمِ دِين کان دُوري وڌندي پئي وڃي ۞ ماڻهو ناشڪري ڪن ٿا ۞ لاڳيتو

---

1... ذوقِ نعت، صفحه:17.

2... ذوقِ نعت، صفحه:19.

غم اچن، پريشانيون اچن، مصيبتون اچن تہ مَعَاذَ الله! الله پاڪ سان شڪوا ڪن ٿا ۞ پنهنجي قسمت کي برو پلو چون ٿا ۽ ۞ ڪي جاهل تہ مَعَاذَ الله! الله پاڪ تي اعتراض پڻ ڪن ٿا جڏهن تہ الله پاڪ تي اعتراض ڪرڻ ڪفر آهي، الله پاڪ تي اعتراض ڪرڻ سان انسان اِسلام مان نڪري وڃي ٿو.[(1)] ۞ اهڙي طرح ڪي بي عقل اهڙا بہ آهن جيڪي پنهنجي طور تي مَعَاذَ الله! الله پاڪ کي مشورو ڏيڻ جي بيباڪي بہ ڪن ٿا، مثال طور الله پاڪ اهو چو ڪيو؟ اهي شيون هيئن نہ ٿيڻ گهرجن ها وغيره وغيره

(اَستَغفِرُ الله! اَستَغفِرُ الله!) **اي عاشقانِ رسول!** غور فرمايو! ڪيڏي ناداني آهي...! عالم سڳورا فرمائن ٿا: الله پاڪ تي اعتراض ڪندي اهو چوڻ تہ الله پاڪ فجر جي نماز گهٽي جلدي رکي آهي، اهو بہ ڪفريہ جملو آهي.[(2)] افسوس! ماڻهن کي احساس نہ آهي، زبان هلي ٿي تہ پوءِ هلندي ئي رهي ٿي، زبان مان شڪوا شڪايت نڪرن، گاريون نڪرن، ڪفريہ جملا نڪرن، ڪا خبر ئي ناهي هوندي. الله پاڪ اسان سڀني جي ايمان جي حفاظت فرمائي.

ایماں پہ رَبِّ رحمت دیدے تُو استقامت | دیتا ہوں واسطہ میں تجھ کو ترے نبی کا [(3)]

**اي عاشقانِ رسول!** اِيمان جي حفاظت جو ذهن بنائڻ ۽ ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي بهترين ڪتاب ”کفریہ کلمات کے بارے میں سُوال جواب“ مڪتبة المدينہ تان طلب ڪريو.

---

1... ڪفريہ ڪلمات کے بارے ميں سوال جواب، صفحہ:141۔
2... ڪفريہ ڪلمات کے بارے ميں سُوال جواب، صفحہ:177۔
3... وسائلِ بخشش، صفحہ:178۔

گهر رکو ۽ ان کي پڙهو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! عِلمِ دِين جو انمول خزانو هٿ ايندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان الله پاڪ جي پاڪيزه نالي اَلْحَکِيْمُ کي سمجهي وٺون، هن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي دِل ۾ ويهاريون، هن ۾ غور ۽ فِڪر ڪندا رهون ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! هن جي برڪت سان الله پاڪ تي اعتراض ڪرڻ کان بچي ويندا سين، جڏهن ذِهن اهو ٺهيل هوندو ته الله پاڪ جيڪو ڪندو آهي، ان ۾ هزارين حڪمتون هونديون آهن ته ظاهر آهي پوءِ انسان اعتراض ڇو ڪندو. انهيءَ طرح جيڪڏهن اسان الله پاڪ جي پاڪيزه نالي اَلْحَکِيْمُ کي سمجهي وٺون، ان کي دِل ۾ ويهاريون ۽ ان تي ڪامِل يقين سان غور ۽ فِڪر ڪندا رهون ته اسان جي زندگي جا ڪوڙ سارا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. مثال طور ۞ اِسمِ پاڪ اَلْحَکِيْمُ جي معرفت جي برڪت سان صبر ڪرڻ آسان ٿي ويندو، ڪا پريشاني اچي، مصيبت اچي، ڏُک، دَرد، غم، بيماري، قرض داري، تنگدستي اچي ته ذهن ٺاهيو! الله پاڪ حڪيم آهي، ضرور ان پريشاني، مصيبت غم وغيره ۾ ڪا حڪمت هوندي ۞ غريب ماڻهو ڪنهن امير کي ڏسي ته اِحسَاسِ ڪمتري جو شڪار نه ٿئي بلڪ ذِهن ٺاهي ته الله پاڪ ان کي امير رکيو، مون کي غريب ٺاهيو، يقيناً هن ۾ ڪا حڪمت هوندي ۞ امير ماڻهو غريب کي ڏسي ته تڪبر جو شِڪار نه ٿئي بلڪ يقين رکي ته الله پاڪ مون کي مال و دولت سان نوازيو، ان کي غريب رکيو، ضرور ڪا حڪمت هوندي ۞ جيڪو بي اَولاد آهي، اهو پريشان نه ٿئي، الله پاڪ جي اِسمِ پاڪ اَلْحَکِيْمُ تي يقين رکي ۞ جيڪو محنت جي باوُجُود امتحان ۾ ناڪام ٿي ويو،

هو خود ڪشي جي طرف نہ وڃي، الله پاڪ جي اِسمِ پاڪ اَلْحَكِيْمُ تي يقين رکي. ايئن جيڪڏهن اسان الله پاڪ جي هن پاڪيزه نالي اَلْحَكِيْمُ کي سمجهي پنهنجي زِندگي ۾ نافذ ڪريون هن جي برڪت سان اسان جي زندگي جا ڪوڙ سارا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا.

الله پاڪ اسان سيني کي ايمان جي لذّت نصيب فرمائي، عِلمِ دين جي نعمت سان نوازي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## الله پاڪ جو پاڪيزه نالو: اَلغَنِيّ

الله پاڪ جي اَسمَاءِ حُسنيٰ ۾ هڪ پاڪيزه نالو آهي: اَلغَنِيّ. هن جي معنيٰ آهي: بي نياز. جيڪو ڪنهن جو بہ محتاج نہ هجي.[1] الله پاڪ جي هن پاڪيزه نالي اَلغَنِيّ مان معلوم ٿيو تہ الله پاڪ اها پاڪ هستي آهي جو سيئي ان جا محتاج آهن پر هو ڪنهن جو بہ محتاج نہ آهي.

## الله پاڪ کي محتاج چوڻ ڪفر آهي

افسوس! عِلمِ دين کان دُوري آهي، اسان وٽ ڪي نادان الله پاڪ ڏانهن محتاجي جي نسبت ڪندا آهن مثال طور ۞ ڪنهن نيڪ شخص جي وفات ٿئي تہ چوندا آهن: نيڪ ماڻهن جي الله پاڪ کي بہ ضرورت پوندي آهي ۞ ننيڙو ٻار انتقال ڪري وڃي تہ ڪجهہ تعزيت ڪرڻ وارا چوندا آهن: اوهان جو گل جهڙو ٻار الله پاڪ کي گهرجندو هوندو.[2] اهڙي طرح بيا بہ ڪفريہ جملا ڳالهايا ويندا آهن. ياد رکو! الله پاڪ کي محتاج چوڻ ڪفر آهي. الله پاڪ قرآنِ

---

[1]... المقصدُ الْاَسْنٰى، صفحہ:128۔

[2]... کفریہ کلمات کے بارے میں سُوال جواب، صفحہ:489-490۔

ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اَنۡتُمُ الۡفُقَرَآءُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَاللّٰهُ هُوَ الۡغَنِىُّ الۡحَمِيۡدُ ﴿۱۵﴾ (پاره:22، سورۀ فاطِر:15) | ترجمو ڪنز العرفان: اي انسانو! توهان سڀ الله جا محتاج آهيو ۽ الله ئي بي نياز، تمام خوبين وارو آهي. |

## الله بي نياز آهي...!

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي هن پاڪيزه نالي اَلْغَنِيّ ۾ غور ڪيو، هن جي معنيٰ، مفهوم دِل ۾ ويهاريو! الله پاڪ بي نياز آهي. ۞ هاڻي خُودپسندي جو شِڪار ٿيڻ وارا غور ڪن ۞ جيڪي پنهنجي عِلم تي ناز ڪن ٿا ۞ جيڪي پنهنجي عقل ۽ دانائي تي ناز ڪن ٿا ۞ جيڪي پنهنجي نيڪين تي آڪڙجن ٿا، الله پاڪ جي بي نيازي کي وسارڻ وارا غور ڪن ۞ جيڪي مال ۽ دولت تي ناز ڪن ٿا، اهي به غور ڪن ۞ جيڪي ٻين کي حقير سمجهن ٿا ۞ پائرن پيرن سان، عزيز رشتيدارن سان تعلق ٽوڙين ٿا ۞غرور ۽ تڪبر جو شِڪار ٿين ٿا، اهي غور ڪن ۞ جيڪي ٻين تي ظُلم ڪن ٿا ۞ جيڪي رِشوتون کائن ٿا ۞ جيڪي اعلانيہ گناهہ ڪن ٿا ۞جيڪي لڪي الله پاڪ جي نافرماني ڪن ٿا، سيئي غور ڪن، الله پاڪ بي نياز آهي، هو چاهي تہ غريبن کي امير ڪري ڇڏي، اميرن کي غريب بڻائي، مَغرُورن جو غرور خاڪ ۾ ملائي ڇڏي، رحم فرمائي تہ لڪين گنهگارن کي جنّت عطا فرمائي ۽ عدل فرمائي تہ وڏا وڏا نيڪوڪار ڪنبڻ لڳن، هو مالِڪ آهي، هو ڪنهن جو محتاج نہ آهي، سيئي ان جا محتاج آهن، لهٰذا اسان کي گهرجي تہ هميشہ الله پاڪ جي بي نيازي کان ڊڄندا رهون.

چھوڑ دو اے تاجرو! کم تولنا | جھوٹ چھوڑا بیچنے میں بولنا
بھائیوں کا دِل دکھانا چھوڑ دو | اور تمسخر بھی اُڑانا چھوڑ دو
بدگمانی، جھوٹ، غیبت، چغلیاں | چھوڑ دے تُو ربّ کی نافرمانیاں
ہو گیا تجھ سے خُدا ناراض اگر | قبر سُن لے آگ سے جائے گی بھر[1]

## فقير کي ڌڪارڻ وارو پاڻ فقير بڻجي ويو

شيخ سعدي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نقل فرمائن ٿا: هڪ نيڪ دِل شخص هو، الله پاڪ ان کي گهڻي مال ۽ دولت سان نوازيو هو، مال داري سان گڏوگڏ هو وڏو همدرد، نرم دِل ۽ سخي به هو، غريبن فقيرن جي مدد ڪرڻ ۾ ان کي گهڻي خوشي ملندي هئي، اهو ئي سبب هو جو ان جي دروازي تي غريبن، فقيرن جي رش لڳل رهندي هئي، هڪ ڀيري رات جي وقت هڪ فقير ان جي دروازي تي صَدا لڳائي، اُن امير شخص پنهنجي هڪ غُلام کي موڪليو ته وڃ! فقير جي ضرورت پُوري ڪر. غُلام جيئن ئي دروازو کوليو، فقير تي ان جي نظر پئي ته ان جي دانهن نڪري وئي ۽ بي اختيار ان جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا، ان امير شخص جڏهن پنهنجي غلام کي غمگين ڏٺو ته ان جو سبب پڇيائين، غُلام عرض ڪيو: عالي جاهه! اوهان جي غُلامي ۾ اچڻ کان پهريان مان هڪ ٻي امير شخص جي غُلامي ۾ هئس، اهو وڏو مالدار هو، هڪ ڀيري ان جي دروازي تي هڪ فقير صدا لڳائي، ان مالدار شخص فقير جي مدد ڪرڻ جي بدران مال و دولت جي نشي ۾ اچي ان فقير کي گهڻو ذليل ڪيو ۽ غُلامن جي ذريعي اُن فقير کي ڌڪا ڏياري ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. بس اهو ڏينهن هو جو ان مالدار شخص

[1] ... وسائلِ بخشش، صفحہ:713۔

جا بُرا ڏينهن شروع ٿيا، ٿوري ئي عرصي ۾ اُن جو حال بي حال ٿي ويو، محتاجي، تنگ دستي ۽ غربت جو شڪار ٿي ويو، دوست احباب سيئي ڇڏي ويا، اي منهنجا آقا! هاڻي جيڪو فقير دَروازي تي آيو هو، هي اهو ئي منهنجو پهريان وارو مالِڪ هو، ان جي اها حالت ڏسي منهنجي رڙ نڪري وئي ۽ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. غُلام جي اها سڄي ڳالهه ٻڌي نيڪ دِل آقا چيو: ڇا مان توهان کي ان کان بہ وڌيڪ حيرت واري ڳالهه نہ ٻڌايان...! اهو فقير جنهن کي توهان جي اڳوڻي مالِڪ ڌڪا ڏئي ڪيرايو هو، اهو فقير بيو ڪو نہ بلڪ مان ئي هئس، اڄ ڏسو تہ وقت ڪيئن بدليو جو قدرت ان کي منهنجي ئي دروازي تي خيرات گهرڻ جي لاءِ بيهاري ڇڏيو.[1]

جے چاہویں تے راہ جاندے نُوں تخت عطا فرماویں
جے چاہوَیں تے شاہاں کولوں در در خیر منگاویں

وضاحت: اي الله پاڪ تون بي نياز آهين، تون چاهين تہ غريبن فقيرن کي تخت عطا فرمائي ڇڏين ۽ تون چاهين تہ بادشاهن کي فقير بڻائي ڇڏين.

## الله پاڪ جي خُفيہ تدبير کان ڊڄو!

**اي عاشقانِ رسول !** الله پاڪ جي هن پاڪيزه نالي اَلْغَنِيّ ۾ غور ڪيو! هن ۾ خَوفِ خُدا جو دَرس بہ آهي، الله پاڪ بي نياز آهي، هو چاهي تہ اسان جي ڪا هڪ نيڪي ئي ان جي بارگاهہ ۾ قبول ٿئي ۽ ٻيڙو پار ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن الله پاڪ چاهي تہ ڪنهن هڪ ئي گُنَاهہ تي پڪڙ فرمائي ۽ اسان جهنّم جا حقدار ٿي وڃون، بَس اسان کي هر گهڙي الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندو ئي رهڻ گهرجي، الله پاڪ وڏو بي نياز آهي. چار سجدن جي توفيق مِلي وئي آهي تہ بہ

---

[1] ... بُوستانِ سعدی، باب دُوُم، صفحہ:80۔

الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ڪنڌ جهڪائي رکو، اسان ڪي روزا رکڻ جي توفيق مِلي وئي آهي ته به الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ڪنڌ جهڪائي رکو، الله پاڪ وڏو بي نياز آهي، آهه! اهي سجدا قبول نه ٿيا ته اسان جو ڇا ٿيندو؟ اهي روزا قبول نه ٿيا ته اسان جو ڇا ٿيندو؟ ان ڪري بَس هر وقت عاجزي جو پيڪر بڻجي رهڻ گهرجي، الله پاڪ جي رحمت جو سُوال ڪندو رهڻ گهرجي، الله پاڪ پنهنجي رحمت جي صدقي، پنهنجي محبوب، رحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان جي دُنيا به بهتر بڻائي ۽ اسان جي آخرت به بهتر بڻائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** اسان الله پاڪ جي 99 اَسمَاءِ حُسنيٰ مان صِرف 2 اَسمَاءِ حُسنيٰ جي مختصر وَضاحت ٻُڌي. غور ڪيو! ان پاڪيزه اَسمَاءِ حُسنيٰ ۾ عِلمِ ۽ حڪمت جا ڪهڙا انمول موتي لڪيل آهن، جيڪڏهن اسان 99 اَسمَاءِ حُسنيٰ ڪي ياد ڪري ونون ان جي معنيٰ سمجهون، ان جي معرفت حاصِل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهون ته ڪيتريون برڪتون نصيب ٿينديون؟ لهٰذا اسان ڪي گهرجي ته اسان اَسمَاءِ حُسنيٰ ڪي ياد به ڪريون ۽ ان جو عِلم به سکون. البته اِهو خيال رهي ته الله پاڪ جي اَسماءِ حُسنيٰ ۾ الله پاڪ جي ذات ۽ صِفَات جو بيان آهي ۽ ان جو تعلق عقيدن سان آهي، تنهنڪري ڪنهن ماهر عاشقِ رسول عالِمِ دين جي خدمت ۾ حاضِر ٿي ئي اَسمَاءِ حُسنيٰ ڪي سکڻ گهرجي، پنهنجي اَٽڪل سان سکڻ، ٻُڌل ٻڌايل ڳالهين تي هلڻ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. الله پاڪ اسان ڪي عِلمِ دِين جو نُور عطا فرمائي ۽ عمل جي به توفيق نصيب فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

قلبِ کو اُس کی رویت کی ہے آرزو | جس کا جلوہ ہے عالم میں ہر چار سُو
بلکہ خود نفس میں ہے وہ سُبْحٰنَهٗ | عرش پر ہے مگر عرش کو جستجو

اللّٰهُ اللّٰهُ اللّٰهُ اللّٰهُ(1)

وضاحت: دِل کي الله پاڪ جي دِيدار جي خواهش آهي، اهو ئي الله پاڪ جنهن جي قُدرت جا جلوا سڄي دُنيا ۾ ڦهليل آهن بلڪ اسان جي اندر بہ ان جا جلوا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام جَلالُ الدِّين سيوطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ذِڪرِ خير

پيارا اسلامي ڀائرو! 19 جمادَي الأُولىٰ تي پنهنجي وقت جي تمام وڏي امام حضرت امام جلالُ الدّين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو عُرسِ مبارڪ ٿيندو آهي، اچو! برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ امام سيوطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو مختصر ذِڪرِ خير ٻڌي ونون ٿا:

امام سيوطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو نالو مبارڪ: عبد الرحمٰن ۽ لقب: جلالُ الدّين آهي. پاڻ پهرين (1st) رجب المرجب، 849 هجري تي مِصر جي شهر قاهره ۾ پيدا ٿيا، ڪم و بيش 62 سال هن دُنيا ۾ رهي 19 جمادَي الأُوليٰ، سِن 911 هجري تي هن دُنيا مان رخصت ٿيا.(2)

## بارگاهِ نُبوّت مان لقب مليو

امام سيوطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هڪ ڪتاب آهي: جَمْعُ الْجَوامِعْ. هن ڪتاب ۾ امام

---

[1] ... سامانِ بخشش، صفحہ:18۔

[2] ... اَلنُّوْرُ السَّافِر، صفحہ:90۔

سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون حديثون گڏ ڪيون آهن. امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون کي خواب ۾ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي ته مون پنهنجي ڪتاب جَمْعُ الْجَوامِعْ جو ذِڪر ڪيو ۽ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا مان هن ڪتاب مان ڪجھ پڙهي ٻڌايان؟ پياري آقا، سردارِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ٻُڌايو! اي شَيْخُ الْحَدِيث...!

امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مون کي شَيْخُ الْحَدِيث فرمائڻ اها اهڙي بشارت آهي جيڪا منهنجي ويجهو دُنيا ۽ جيڪو ڪجھ دُنيا ۾ آهي، ان سڀ کان وڌيڪ آهي.[1]

| | | | |
|---|---|---|---|
| مُحَمَّدِ مصطفےٰ! | سب سے آخری نبی | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی |
| آمنہ کا لاڈلا! | سب سے آخری نبی | تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی |
| شاہِ ہردوسرا! | سب سے آخری نبی | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی |
| ہیں شفیعُ الورٰی! | سب سے آخری نبی | ہے ہمارا نظریہ! | سب سے آخری نبی |
| عقیدہ سب صحابہ کا! | سب سے آخری نبی | عقیدہ اہلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی |

[1]... اَلنُّوْرُ السَّافِر، صفحہ:91-

## 75 ڀيرا بيداري ۾ ديدارِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ رسول! امام جلالُ الدّين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا نصيب ڏسو جو کين رسولِ اڪرم، نُورِ مجسمَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ پنهنجي پياري پياري زبان مبارڪ سان ”شَيْخُ الْحَدِيث (يعني حديثِ پاڪ جو استاد)“ فرمايو. سيدي اعليٰ حضرت امام اهلسنت شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: امام جلالُ الدّين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ايتري وڏي رُتبي وارا بزرگ آهن جو بيداري ۾ پاڻ 75 ڀيرا حُضُور، پُرنُور، سيدُ الانبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار سان مُشَرَّف ٿيا.[1]

ديدار کی بھیک کب بٹے گی؟ | منگتا ہے اُمید وار آقا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ ڪرامت

امام جلالُ الدّين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ خادِم هو: حضرت محمد بن علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه. پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي فرمايائون: جيڪڏهن منهنجي مرڻ کان پهريان توهان منهنجو راز ظاهر نہ ڪيو تہ اڄ عصر جي نماز مڪۂ مڪرمہ ۾ پڙهڻ جو ارادو آهي. مون عرض ڪيو: جي! ٺيڪ آهي (يعني مان راز ظاهر نہ ڪندس). پوءِ امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منهنجو هٿ پڪڙي فرمايو: اکيون بند ڪيو! مون اکيون بند ڪري ورتيون. اسان تقريباً 27 قدم هلياسين تہ وري فرمايائون: هاڻي اکيون کولي ڇڏيو! مون اکيون کوليون تہ اسان مڪۂ مڪرمہ ۾ جنّتُ المَعْليٰ جي دروازي تي هئاسين، پوءِ اسان اُمُّ المُؤمِنِين حضرت خديجةُ الڪبري رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مزارِ پاڪ جي زيارت

---

[1]... فتاوىٰ رضويہ، جلد:5، صفحہ:493۔

ڪئي، پوءِ حرمِ پاڪ ۾ پهتاسين، طواف ڪيو، زَم زَم شريف پيتو، پوءِ مقامِ ابراهيم جي ويجهو وينا رهياسين، پوءِ عصر جي نماز پڙهي، اهو سڀ ڪرڻ ڪان بعد امام سيوطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مون کي (يعني پنهنجي خادِم محمد بن علي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي) فرمايو: جيڪڏهن توهان چاهيو تہ مون سان گڏ واپس هلو، نہ تہ حاجين سان گڏجي اچجو. مون عرض ڪيو: اوهان سان گڏ هلندس. پوءِ اسان جنّتُ المَعليٰ جي دروازي تائين آياسين، امام سيوطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن فرمايو: اکيون بند ڪيو. مون اکيون بند ڪيون، ٿوري دير ڪان بعد فرمايائون: اکيون کولي ڇڏيو! مون اکيون کوليون تہ اسان واپس مِصر پهچي چڪا هئاسين.[1]

الله پاڪ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! عِلمِ دين سکڻ، عَمَل جو جذبو ماڻڻ ۽ اولياءِ ڪرام جي فيضان سان مالا مال ٿيڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ بہ وڌ کان وڌ حِصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دُنيا ۽ آخرت جون بيشُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ دِيني ڪم آهي: مدني قافلو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي تحت تبليغ دِين جي لاءِ، سڄي دُنيا ۾ سُنتن جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ لکين اسلامي ڀائر مدني قافلن ۾ سَفر ڪندا رهن ٿا. اوهان بہ همّت ڪيو! مدني قافلن جا مُسَافِر بڻجو ۽ ڪوڙ نيڪيون ڪمايو!

[1] ... اَلْكَوَاكِبُ السَّائِرَه، جلد:1، صفحہ:229۔

هاڻي موقعو بہ آهي، 25 ڊسمبر تي بہ سرڪاري سطح تي موڪل هوندي آهي، هن سان گڏ آچر جي بہ موڪل آهي، موقعو غنيمت آهي، 24،25،26 ڊسمبر جمعو، ڇنڇر، آچر 3 ڏينهن جي مدني قافلي جا مُسَافِر بڻجي وڃو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. اچو! مدني قافلي جي هڪ مدني بهار پڙهون ٿا:

## شرابي، مؤذّن بڻجي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کان وابستگي کان پهريان مان گناهن ۾ مبتلا هئس، شراب پيندو هئس، گاريون ڏيندو هئس ۽ والدين ۽ پاڙي وارن کي گهڻو تنگ ڪندو هئس، آخر منهنجي قسمت جو ستارو ايئن چمڪيو جو منهنجي ملاقات دعوتِ اسلامي جي هڪ ذِميدار اسلامي ڀاءُ سان ٿي، ان مون کي سمجهائيندي مدني قافلي ۾ سَفر جي ترغيب ڏياري، مان انڪار نہ ڪري سگهيس ۽ مان يڪدم 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مُسَافِر بڻجي ويس، عاشقانِ رسول جي صحبت ملي ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جا رسالا بہ پڙهڻ لاءِ مليا، جنهن جي برڪت سان مان نہ صِرف نماز پڙهڻ وارو بڻجي ويس بلڪ ٻين کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ ۽ مدني قافِلن جو مُسَافِر بنائڻ وارو بڻجي ويس.[1]

بے عَمل، باعَمل بَن گئے خاص کر | آپ بھی دیکھ لیں، قافلے میں چلو
دِل پہ گر زَنگ ہو، سارا گھر تنگ ہو | داغ سارے دُھلیں، قافلے میں چلو[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ... شرابی مؤذن کیسے بنا؟ صفحہ:4۔
2 ... وَسَائلِ بخشش، صفحہ:672۔

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## هٿ ملائڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن بہ مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) آهن ۽ هڪبئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن تہ الله پاڪ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جنهن مان نوانوي (99) رحمتون وڌيڪ گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني سان پنهنجي ڀاءُ کان خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! هٿ ملائڻ کي عربي ۾ مُصَافَحو ۽ انگلش ۾ : *Handshake* چئبو آهي ۞ ٻن مسلمانن جو مُلاقات مهل ٻنهي هٿن سان مصافحو ڪرڻ يعني ٻئي هٿ مِلائڻ سُنَّت آهي ۞ هٿ ملائڻ کان پهريان سلام ڪيو ۞ موڪلائڻ مهل بہ سلام ڪيو ۽ (گڏوگڏ) هٿ بہ مِلائي سگهو ٿا ۞ هٿ ملائڻ وقت درود شريف بہ پڙهو، ٿي سگهي تہ هي دعا بہ پڙهو: "يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ" (يعني الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي) ۞ بہ مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون گهرندا اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قبول ٿينديون. هٿ جدا

---

[1] … مشكاة الصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام بالكتاب والسنۃ، الفصل الثانی، جلد1، صفحہ55، حديث:175

تيڻ ڪان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ۞ پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني پري ٿيندي آهي ۞ مسلمان کي سلام ڪرڻ، هٿ ملائڻ بلڪ محبت سان ان جو ديدار ڪرڻ سان بہ ثواب ملي ٿو. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نگاهہ سان ڏسي ۽ اُن جي دل يا سيني ۾ دشمني نہ هجي تہ نگاهہ موٽڻ کان پهريان ٻنهي جا پنيان گناهہ معاف ڪيا ويندا. ۞ جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هٿ ملائي سگهو ٿا ۞ اڄڪلهہ ڪجهہ ماڻهو ٻنهي طرف کان هڪ هٿ مِلائن ٿا بلڪ صرف آڱريون ئي پاڻ ۾ ٽڪرائن ٿا اهو سڀ خلافِ سنت آهي ۞ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروهہ آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن بُزُرگ کان هٿ ملائڻ کان پوءِ بَرَڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو هٿ چمي ورتو تہ ڪراهت ناهي ۞ مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) وقت سنّت هي آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره نہ هجي، ٻئي ترِيون خالي هجن ۽ ترِيءَ سان تري ملڻ گهرجي.(1)

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي **بهار شريعت** جلد:3، حصہ:16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو 91 صفحن جو رسالو **سنّتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي۔

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] ... 550 سنتیں اور آداب، صفحہ:32-34۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ
الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[(1)]

## (2) سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[(2)]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا
[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪجهه بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ

[1] ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[(1)]

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[(2)]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[(3)]

## (2) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ

[1]...القول البديع،الباب الاول،ص125

[2]... الترغيب والترہيب،كتاب الذكر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

[3]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

## الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم ڪان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.(1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... تاريخ ابنِ عساکر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵